قرآني بيان

نعمت کسجي وڃڻ جا اسباب

مدني مراکز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

لاءِ 17 جولاءِ 2026ع

(متوقع اسلامي تاريخ: 2 صفر شريف، 1448ھ) جي



جمعة المبارک جو

مدني مرڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن لاءِ 17 جولاءِ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 2 صفر شريف 1448ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

ٻڌاءِ

نعمت كسجي وڃڻ جا اسباب

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... نعمت کي ياد ڪرڻ جو انداز
- ... نسبِ مصطفيٰ جي شرافت ۽ عظمت
- ... بني اسرائيل جون نافرمانيون
- ... نافرمانيءَ کين ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَكْثِرُوْا الصَّلَاةَ عَلَيَّ، فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ عَلَيَّ زَكَاةٌ لَّكُمْ-

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي لاءِ پاڪيزگي جو ڪارڻ آهي.[1]

ہر گھڑی سانس کو مہکاتا ہے جن کا نام پاک
ہے ضمیروں میں بھی جن کی روشنی اُن پر درود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۷﴾

(سيپارو: 1، البقره: 47)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...مسند ابی یعلی، مسند ابی ہریرۃ، شہر بن حوشب، جلد:5، صفحہ:62، حدیث:6407۔

ترجموکنزالعرفان: اي يعقوب جا اولاد! ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو ۽ هي جو مون توهان کي ان سڄي زماني تي فضيلت عطا ڪئي.

آيت سڳوري جي مختصر وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! پهرين سيپاري ۾ گهٽو ڪري گفتگو بني اسرائيل سان آهي. بني اسرائيل حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد کي چيو ويندو آهي. پهرين سيپاري جي تقريبن ٽن حصن ۾ بني اسرائيل کي ايمان جي دعوت ڏني وئي آهي. سوره بقره جي آيت نمبر 40 کان سندن سان گفتگو شروع ٿئي ٿي، انهيءَ سلسلي ۾ آيت نمبر 47 اڄ اسان ٻڌي آهي. هن ۾ به بني اسرائيل کي ايمان قبول ڪرڻ، اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ، يعني مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي سچو نبي مڃي، پاڻ سڳورن جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. ان کان اڳ واريون جيڪي 6 آيتون آهن، انهن ۾ بني اسرائيل کي ڏيڃاريو ويو، آخرت جو خوف ڏياريو ويو ۽ کين اهو احساس ڏياريو ويو ته قيامت جي ڏينهن اهي پنهنجي بدعملين جا جوابده هوندا. هاڻي آيت نمبر 47 ۾ هڪ ٻئي پهلوءَ سان کين ايمان آڻڻ تي اڀاريو پيو وڃي، ارشاد ٿئي ٿو:

يٰبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ (پاره:1، البقرة:47)	ترجمو ڪنزالعرفان: اي يعقوب جا اولاد!

يعني اي الله پاڪ جا نيڪ ۽ فرمانبردار ٻانهؤ، بلند مرتبي واري نبي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جا اولاد!

اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْۤ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ (پاره:1، البقرة:47)	ترجموکنزالعرفان: ياد ڪريو منهنجو اهو احسان جيڪو مون توهان تي ڪيو.

يعني اهي نعمتون جيڪي هزارين سالن تائين الله پاڪ توهان جي ابن ڏاڏن تي ۽ انهن جي وسيلي سان توهان تي فرمائيندو رهيو آهي، انهن نعمتن کي ياد ڪريو! ۽ شڪراڻي طور الله پاڪ جي فرمانبرداري اختيار ڪريو ۽ اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿي وجو!

نعمت کي ياد ڪرڻ جو انداز

هن مقام تي عالمن سڳورن تمام خوبصورت وضاحت فرمائي آهي. لکن ٿا ته: بني اسرائيل کي نعمتون ياد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو، هاڻي نعمتن کي ياد ڪرڻ جا انداز مختلف هوندا آهن. اسان تي به الله پاڪ جا تمام گهٽا انعام آهن، ايتريون نعمتون آهن جو ڳڻي نٿا سگهون. اسان به ڪڏهن ڪڏهن انهن نعمتن کي ياد ڪندا آهيون پر ڪيئن ڪندا آهيون؟ ڪڏهن ٻين تي فخر ڪري رهيا هوندا آهيون، مثال طور: ڏسو! ❁ مان گاڏين وارو آهيان، ❁ مان بنگلن وارو آهيان، ❁ مان مال ۽ دولت وارو آهيان، ❁ مان وڏو امير آهيان، مان عهدي وارو آهيان، ❁ مان فلاٽو سيٺ آهيان. اهڙيون ڳالهيون ڪري ماڻهو ٻين کي نيچ ڏيکارينداآهن. هي به نعمتن کي ياد ڪرڻ جو ئي هڪ انداز آهي پر هن ۾ فخر آهي، ٻين کي حقير سمجهڻ آهي، ان ڪري عالمن سڳورن لکيو آهي ته: فخر جي طور تي نعمتن کي ياد ڪرڻ حرام آهي (چو ته ان ۾ تڪبر ۽ خودپسندي شامل آهي). (1)

ائين ئي نعمتن کي ياد ڪرڻ جو هڪ انداز شڪر وارو به هوندو آهي. مثال طور اسان چئون ٿا: ❁ الحمد لله! منهنجون اکيون سلامت آهن، ❁ الحمد لله! منهنجا هٿ سلامت آهن، ❁ الحمد لله! منهنجا پير سلامت آهن، ❁ الحمد لله! الله پاڪ ڪنهن جو محتاج ناهي ڪيو. ائين شڪر واري لهجي ۾ ٻانهو نعمتن کي ياد ڪندو آهي. هي جيڪو انداز آهي، اهو دل ۾ الله پاڪ جي محبت وڌائيندو آهي. ان ڪري عالمن سڳورن فرمايو: بني اسرائيل کي چيو

1...تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:47، جلد:1، صفحه:354 مفصلًا۔

ويو: يٰبَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا (اي يعقوب جا اولاد! ياد ڪريو.) هتي اُذْكُرُوْا جي معنيٰ آهي اُشْكُرُوْا يعني اي بني اسرائيل! شڪر ادا ڪريو! [1] ۽ ان شڪر جو انداز ڪهڙو هوندو؟ ڪلمو پڙهي اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غلام بڻجي وڃو!

تھام لے دامنِ شاہِ لَولاک تُو | سچّی تَوبہ سے ہو جائے گا پاک تُو [2]

بني اسرائيل تي ٿيندڙ هڪ انعام

هاڻي اهي نعمتون ڪهڙيون آهن جيڪي بني اسرائيل تي ڪيون ويون؟ انهن مان هڪ نعمت الله پاڪ هن آيتِ سڳوري ۾ ذڪر فرمائي آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ۽ هي ته مون توهان کي ان سڄي زماني تي فضيلت عطا فرمائي.

يعني اي بني اسرائيل! ياد ڪريو! حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ تائين جيڪو هزارين سالن جو عرصو آهي، ❁ان پوري عرصي ۾ پوري دنيا ۾، تمام قومن تي توهان کي فضيلت بخشي وئي. ان پوري عرصي ۾ سڀ کان افضل توهان هيوَ. ❁تقريبن 4 هزار انبياءِ ڪرام توهان ڏانهن موڪليا ويا. ❁ 4 وڏن آسماني ڪتابن مان 3 ڪتاب؛ توريت، انجيل ۽ زبور توهان جي زبان ۾ توهان لاءِ ئي لاڻا ويا. ❁ايتري عرصي تائين وحيِ الاهي توهان لاءِ ئي نازل ٿيندي رهي. ❁آسماني ڪتابن جا خزانا توهان وٽ ئي رهيا. ❁ آسماني دين جو علم توهان وٽ ئي رهيو. ❁تمام جهانن جا سردار توهان رهيا. ❁ وڏا وڏا عادل بادشاهه توهان ۾ پيدا ڪيا ويا. ❁ وڏا

1…تفسير روح البيان، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:47، جلد:1، صفحه:128۔

2…وسائل بخشش، صفحه:656۔

وڏا عالم توهان ۾ پيدا ڪيا ويا. ❁ وڏا وڏا عابد ۽ اولياءُ الله توهان ۾ پيدا ڪيا ويا. ❁ هزارين سالن تائين هي فضيلتن جو تاج توهان جي ئي مٿي تي سجيل رهيو. تنهنڪري هاڻي انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪريو. اسان جو محبوب نبي، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي اچي چڪو آهي، سندن دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃو! سندن ڪلمو پڙهو، مٿن ايمان آڻيو! ته جيئن توهان جون اهي عزتون ۽ عظمتون برقرار رهن. اجا تائين توهان اولادِ انبياء هجڻ جي ڪري سردار هئو، هاڻي امام الانبياء جا امتي بڻجي خيرِ امت جو اعليٰ خطاب حاصل ڪري وٺو! (1)

اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيڏي عشق پري ڳالهه ڪئي آهي:

سُبْحٰنَ الله!

عاصیو! تھام لو دامن اُن کا | وہ نہیں ہاتھ جھٹکنے والے (2)

هڪ اهم ترين وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! آيتِ سجُوري جي تفصيل طور هڪ اهم وضاحت هتي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري وٺو! الله پاڪ جي خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا ٻه پٽ هئا: (1) حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام (2) حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام. حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام عرب ۾ تشريف کڻي آيا، عرب جو جيڪو سڄو خطو آهي، هتي اڪثر حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جو اولاد آباد هو. حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام ملڪِ شام ۽ فلسطين وغيره جي خطي ۾ رهندا هئا. پوءِ سندن اولاد ۾ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام هئا. حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جا 11 پٽ ٿيا، جن مان اڳتي اولاد هليو. تنهنڪري ملڪِ شام ۽ فلسطين جو جيڪو سڄو خطو آهي، هتي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جو اولاد يعني بني اسرائيل آباد هو. حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين بني اسرائيل سڄي دنيا ۾ افضل

1... تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:47، جلد:1، صفحه:354 ـ

2...حدائقِ بخشش، صفحه:163ـ

قوم رهيا، پر امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه لکن ٿا ٿ: ان پوري عرصي ۾ بني اسرائيل افضل ضرور هئا، پر دنيا جي هر هر فرد کان افضل نه هئا، بلڪ عرب جي خطي ۾ حضرت اسماعيل عَلَيْهِالسَّلَام جو جيڪو اولاد در اولاد هلي رهيو هو، انهن ۾ خاص طور تي اهي بلند مرتبي وارا ماڻهو جيڪي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم جي سلسلءِ نسب ۾ اچن ٿا، يعني اهي خوش نصيب جن جي پيشانيءَ ۾ نورِ مصطفيٰ چمڪي رهيو هو، اهي سڀ پنهنجي پنهنجي دور ۾ بني اسرائيل کان به افضل هئا. (1)

نسبِ مصطفيٰ جي شرافت ۽ عظمت

ذخائر العقبيٰ ۾ آهي ٿ: هڪ ڏينهن قريش جا ڪجهه ماڻهو مهمان طور نبي پاڪ صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم جي پڦي، حضرت صفيه رَضِيَاللهُعَنْهَا جي گهر آيا. ڳالهين ڳالهين ۾ انهن مان ڪنهن چئي ڏنو ٿ: بنو هاشم ۾ محمد (صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم) جو مثال بنجر (غير آباد) زمين تي جمندڙ ڪجيءَ جهڙو آهي. (يعني ، اسان جا محبوب صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم ٿ سيني کان افضل ۽ اعليٰ اوصاف وارا آهن پر ان ۾ بنو هاشم جي ڪا فضيلت ناهي، جو ٿ بنو هاشم بنجر زمين وانگر آهن). جڏهن رسولِ انور صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم کي اها خبر پهتي ٿ پاڻ سڳورن تي جلال جي ڪيفيت طاري ٿي وئي. حضرت بلال رَضِيَاللّٰهُعَنْهُ کي فرمايائون: اي بلال! ماڻهن کي گڏ ڪر...!!" پوءِ پاڻ صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ بلند آواز سان فرمايائون: انهن ماڻهن جو ڇا حال آهي جيڪي منهنجي مٽن مائٽن بابت حقير ڳالهيون ڪن ٿا، الله جو قسم! مان نسب جي اعتبار کان انهن سيني کان افضل آهيان. هڪ روايت ۾ آهي ٿ پاڻ ڪريم صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهِوَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ مخلوق پيدا ڪئي، مون کي بهترين مخلوق ۾ رکيو، پوءِ ان جا ٻه گروهه ڪيا ٿ مون کي بهترين گروه ۾ رکيو، پوءِ گروهن کي قبيلن ۾ تقسيم فرمايو ٿ مون کي بهترين قبيلي ۾ رکيو، پوءِ قبيلن

1...حضور کے آباء کی شانیں، صفحہ:25 مفصلًا۔

کي خاندانن ۾ ورهايو تہ مون کي بهترين خاندان مان ڪيو، مان پاڻ بہ توهان سيني کان بهتر آهيان ۽ منهنجو خاندان بہ توهان سيني جي خاندانن کان بهتر آهي." (1)

جس کے ہوں فرزند وہ، اُس کو شرف کیوں کر نہ ہو
گوہرِ نایاب سے فخرِ صدف کیوں کر نہ ہو

وضاحت: صدف جي معنيٰ آهي سپ / سپي جنهن سپ مان نايابهيرو نڪري، اها سپ بہ وڏي اهميت واري هوندي آهي. اهڙي طرح اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن پاڪ ماڻهن جو اولاد آهن، حضور جي نسبت سان انهن کي بہ وڏو شرف ملي ويو آهي.

هن مان معلوم ٿيو تہ اسان جي آقا ۽ مولیٰ، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا جيترا بہ آبا و اجداد (پيءُ ڏاڏا) آهن، اهي سپ پنهنجي پنهنجي دور ۾ تمام جهانن جي ماڻهن کان افضل هئا. ها! ان دور جا جيڪي نبي هئا، اهي انهن کان افضل هئا، جو تہ نبي هر غير نبيءَ کان افضل هوندو آهي.

حضرت مَعَد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

مثال طور حضرت مَعَد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سرڪارِ اعظم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا ويهين نمبر تي ڏاڏا آهن. پاڻ 12 سالن جا هئا جڏهن ظالم بادشاهه "بخت نصر" عرب تي چڙهائي ڪئي. ان وقت الله پاڪ حضرت اَرْمِيا عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ: حضرت مَعَد کي بُراق تي سوار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي اچو تہ جيئن کين ڪا تڪليف نہ پهچي، بيشڪ مان سندن اولاد مان نبي آخرالزمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پيدا ڪرڻ وارو آهيان. تنهنڪري حضرت ارميا عَلَيْهِ السَّلَام کين وٺي ملکِ شام

1...ترمذی، کتاب المناقب عن رسول الله ...الخ، باب ما جاء فی فضل النبی، صفحہ:825، حدیث:3615۔

تشريف کٹي ويا، جتي پاڻ بني اسرائيل ۾ پرورش پاتي. [1] بخت نصر جي موت کان پوءِ واپس مکي مکرمہ تشريف کٹي آيا. [2]

حضرت ابوامامہ باهلي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: حضرت مَعَد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي اولاد مان 40 ماڻهن بني اسرائيل جي هڪ لشڪر تي حملو ڪري ڏنو، تنهنڪري حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام چاهيو تہ انهن لاءِ هلاڪت جي دعا ڪن، پر الله پاڪ وحي فرمائي تہ: اي موسيٰ! انهن لاءِ نقصان جي دعا نہ ڪريو، بيشڪ مان انهن مان بشير و نذير نبي، نبي اُمّي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پيدا فرمائيندس. [3]

سبحان الله! هي اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي نسبِ پاڪ جي فضيلت آهي...!! ڪنهن عاشق چا تہ خوب چيو آهي:

تَنْقُلُ اَحْمَدُ نُوْرًا عَظِيْمًا | تَلَأْلَأُ فِيْ جَبَاهُ السَّاجِدِيْنَا
تَقَلَّبَ فِيْهِمْ قَرْنًا فَقَرْنًا | اِلٰى اَنْ جَاءَ خَيْرُ الْمُرْسَلِيْنَا [4]

وضاحت: احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو عظمت وارو نور، ساجدين (نمازي ۽ عبادت گذارن) جي پيشاني ۾ چمڪندڙ نسل در نسل منتقل ٿيندو رهيو، تان جو پاڻ خير المرسلين ٻڌجي دنيا ۾ تشريف کٹي آيا.

نعمت کسجي وڃڻ جا اسباب

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان آيتِ ڪريمہ ٻڌي، الله پاڪ بني اسرائيل جي باري ۾ فرمايو:

1...سبل الهدى ، الباب الرابع فى شرح اسماء آبائہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ابن معد، جلد:1، صفحہ:293 خلاصۃً۔

2...السيرة النبويہ لزينى دحلان، باب فيما ورد لسان الانبياء...الخ، جلد:1، صفحہ:20 بتغير قليل۔

3...معجم كبير، جلد:4، صفحہ:276، حديث:7514 خلاصۃً۔

4... حاوى للفتاوٰى، الفتاوٰى الاصوليۃ الدينيۃ، مسالک الحنفاءفى والدى المصطفى، صفحہ:627۔

وَ اَنِّیْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِیْنَ ﴿۴۷﴾ (پاره:1، البقرة:47)	ترجموکنزالعرفان: ۽ هي ته مون توهان کي ان سڄي زماني تي فضيلت عطا فرمائي.

يعني بني اسرائيل پنهنجي زماني ۾ تمام جهانن کان افضل هئا. هتي سوال اهو آهي ته جڏهن بني اسرائيل کي اها فضيلت ڏني وئي هئي، ته پوءِ انهن کان اها فضيلت واپس ڇو ورتي وئي؟ کهڙو سبب هو جو اهي پنهنجي زماني ۾ ته سيني کان افضل هئا پر هاڻي افضل نه رهيا؟ جيکڏهن اسان قرآنِ کريم کي گهري نظر سان پڙهون ته خبر پوي ٿي ته کيترائي اهڙا سبب هئا جن جي ڪري بني اسرائيل کان فضيلتن جو اهو تاج واپس ورتو ويو. اڇو ته انهن مان کجهه سبب ٻڌون ۽ اسان کي هي ذهن ۾ رکي ٻڌڻو آهي ته هي اهي کهڙا کهڙا سببَ آهن جن سان نعمتون کسجي ويندیون آهن، تنهنڪري اسان کي اهڙن ڪمن کان بچڻو آهي.

(1) نبيءَ جي گستاخي

بني اسرائيل کان فضيلتن جو تاج کسجي وڃڻ جو هڪ وڏو سبب اهو هو ته اهي نبين جا گستاخ هئا. سڀ نه، انهن ۾ کيترائي نيڪ ماڻهو ۽ اولياءُ الله به هئا، پر مجموعي طور تي هڪ وڏو تعداد انهن جو هو جيکي نبين جي گستاخي ڪندا هئا. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ ضُرِبَتْ عَلَیْهِمُ الذِّلَّةُ وَ الْمَسْكَنَةُ ﴿۶۱﴾ (پاره 1، البقره: 61)

ترجموکنزالعرفان: ۽ انهن تي ذلت ۽ غربت مسلط ڪئي وئي.

يعني بني اسرائيل تي ذلت ۽ مسڪيني نافذ ڪئي وئي.

وَ بَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ (پاره 1، البقره: 61)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي خدا جي غضب جا مستحق ٿي ويا.

ائين ڇو ٿيو؟ فرمايو ويو:

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ

(پاره 1، البقره: 61)

ترجموكنزالعرفان: اها ذلت ۽ غربت ان كري هئي جو هي الله جي آيتن جو انكار كندا هئا ۽ نبين كي ناحق شهيد كندا هئا.

الله اكبر! كيڏا گستاخ هئا، انهن انبياءِ كرام كي شهيد كيو. صحابيِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ: هك ئي ڏينهن ۾ بني اسرائيل ٽي سو (300) انبياءِ كرام كي شهيد كري ڇڏيو.[1] حضرت زكريا عَلَيْهِ السَّلَام كي شهيد كيائون، حضرت يحييٰ عَلَيْهِ السَّلَام كي شهيد كيائون، حضرت شعيا عَلَيْهِ السَّلَام كي شهيد كيائون. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي جان جا دشمن ٻه اهي ئي هئا. الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام كين فرمايو هو:

يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَ قَدْ تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ.

(پاره:28، الصف:5)

ترجمو كنز العرفان: اي منهنجي قوم مون كي ڇو ٿا ستايو حالانكہ توهان ڄاڻو ٿا تہ مان توهان جي طرف الله جو رسول آهيان.

يعني اي قوم توهان ڄاڻو ٿا ته مان الله جو رسول آهيان، ان جي باوجود توهان مون كي تكليف پهچايو ٿا، جڏهن اهي سمجهائڻ جي باوجود باز نہ آيا تہ ڇا ٿيو؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَلَمَّا زَاغُوْۤا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ (پاره 28، الصف: 5)

ترجموكنزالعرفان: پوءِ جڏهن اهي ٽيڙا ٿيا تہ الله انهن جون دليون ٽيڙيون كري ڇڏيون.

الله اكبر! كيڏي سخت سزا آهي! نبين جي گستاخيءَ جي سزا ۾ انهن

[1] تفسير درمنثور، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:61، جلد:1، صفحه:178۔

جون دليون ٽيڏيون ڪيون ويون. ان مان معلوم ٿيو تہ نعمت ان لاءِ ئي نعمت رهندي آهي جيڪو نبيءَ جو باادب هوندو آهي. فضيلت، عظمت ۽ عزت ان کي ئي ملندي آهي جيڪو نبيءَ جو ادب ڪندڙ هوندو آهي. ڏسو! ابولهب پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو چاچو هو پر هن بي ادبي ڪئي تہ الله ڪيس تباهہ و برباد ڪري ڇڏيو. پر حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حبشہ جا رهاڪو هئا، غلامي واري زندگي گذاريندا هئا، پر نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق بڻيا تہ الله کين قيامت تائين اڇڻ وارن جوسردار بڻائي ڇڏيو.

اِقبال کس کے عشق کا یہ فیضِ عام ہے
رُومی فنا ہوا، حبشی کو دوام ہے

وضاحت: يعني هي ڪهڙي هستيءَ جي عشق جو فيض آهي جو سڪندر رومي جهڙو سڄي دنيا تي حڪومت ڪندڙ بادشاهہ مٽجي ويو، پر صحابيِ رسول حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عشقِ رسول جي برڪت سان هميشہ دلين تي حڪومت حاصل ڪري ويا.

پيارا اسلامي پائرو! اسان کي ڪپي تہ هميشہ باادب رهون، نبين جا باادب رهون، ولين جا باادب رهون، صحابہ ۽ اهلِ بيتِ پاڪ جو بہ هميشہ ادب، ادب ۽ ادب ئي ڪيون. چو تہ:

باادب بانصيب، بي ادب بينصيب!

(2) حسد

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل کان فضيلت چو کسجي وئي، ان جو ٻيو سبب **حسد** آهي. حسد چوندا آهن ساڙ کي. ڪنهن وٽ ڪا نعمت ڏسي ان سان ساڙ ڪرڻ، اها تمنا ڪرڻ تہ کانئس اها نعمت کسجي وڃي، چاهي پوءِ اها مون کي ملي يا ان وٽ بہ نہ رهي.[1] بني اسرائيل حسد ڪرڻ وارا هئا،

[1] حدیقۃ ندیۃ، الباب الثانی، الخلق الخامس، عشر الحسد ، المبحث الاول، جلد:3، صفحہ:34 خلاصۃً

ان کري کائنئن فضيلت کسي وئي. بني اسرائيل هن حسد جي بيماريءَ ۾ ڪهڙي حد تائين ڪِري چڪا هئا، ان جو هڪ عبرتناڪ واقعو ٻڌو! ڪعب بن اشرف جيڪو بني اسرائيل جو هڪ امير ڪبير شخص هو ۽ تمام وڏو گستاخِ رسول به هو، اهو هڪ پيرو پنهنجي 70 ساٿين کي وٺي مڪي مڪرمہ پهتو ۽ مڪي جي ڪافرن کي چوڻ لڳو: توهان محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) سان جنگ ڪريو! اسان توهان جو ساٿ ڏينداسين. قريش چوڻ لڳا: ڏسو! توهان ماڻهو به ڪتابي آهيو (يعني آسماني دين تي هلندڙ آهيو، الله کي هڪ مجيندڙ آهيو)، تنهنڪري اسان توهان تي يقين نٿا ڪري سگهون. ڪهڙي خبر ته توهان اسان کي جنگ لاءِ اڀاريو ۽ پوءِ جنگ جي دوران اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏيو! ان ڪري پهرين اسان کي يقين ڏياريو ته توهان اسان سان گڏ آهيو...!! ڪعب بن اشرف ۽ ان جا ساٿي چوڻ لڳا: توهان کي ڪهڙو يقين کپي؟ قريش چيو: ڏسو! توهان ماڻهو به مسلمانن وانگر هڪ خدا جي عبادت ڪريو ٿا، توحيد جا مجيندڙ آهيو. جيڪڏهن توهان پنهنجو هي عقيدو ڇڏي ڏيو ۽ اسان جي انهن (ڪوڙن) خدائن جي اڳيان سجدو ڪريو ته اسان مجينداسين ته توهان اسان سان گڏ آهيو...!! هي ٻڌي ڪعب بن اشرف ۽ ان جي ساٿين ٿوري به دير نہ ڪئي، فوراً انهن پٿرن جي اڳيان سجدي ۾ ڪِري پيا. ان تي الله پاڪ هي آيتِ سڳوري نازل فرمائي، ارشاد ٿيو:

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَ الطَّاغُوْتِ

(پاره 5، النساء: 51)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جن کي ڪتاب جو هڪ حصو مليو اهي بت ۽ شيطان تي ايمان آڻن ٿا.

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڇا ماڻهو حسد جي باهہ ۾ سڙي ايترو به ڪِري سگهي ٿو...!! بني اسرائيل ڇاڻندا هئا، دل سان مجيندا هئا ته محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سچا نبي آهن. هي اهي ئي هئا جيڪي

پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي اچڻ کان اڳ سندن آمد جون خوشخبريون ٻڌائيندا هئا، پاڻ سڳورن جي نالي جي وسيلي سان دعائون گهرندا هئا، پر افسوس! اهي حسد جي باهه ۾ سڙي ويا ۽ ان باهه ۾ سڙي ايترو ڪِري پيا جو شرڪ ڪرڻ تہ پسند ڪيائون پر محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ پسند نہ ڪيائون. معلوم ٿيو تہ: ❁هي حسد آهي جيڪو انسان کي هدايت جي رستن کان روڪي ڇڏيندو آهي. ❁هي حسد آهي جيڪو انسان کي انتهائي گهٽيا ڪمن تي اڀارينڊو آهي. ❁هي حسد ئي آهي جيڪو انسان کي ذلت ۽ خواريءَ جي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيندو آهي.

سڀ کان پهريان حسد ڪنهن ڪيو؟

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **نقل ڪن ٿا تہ:** ربِ ڪريم جي پهرين نافرماني جنهن گناهہ جي ذريعي ڪئي وئي، اهو حسد آهي. ابليس ملعون حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ واري معاملي ۾ سندن سان حسد ڪيو، تنهنڪري انهيءَ حسد ابليس کي الله رب العالمين جي نافرمانيءَ تي اڀاريو. (1)

حسد ايمان کسيندڙ بيماري آهي

الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو فرمان آهي: توهان ۾ گذريل امتن جي بيماري حسد ۽ بغض اثر ڪري وئي آهي، هي ڪوڙي ڇڏڻ واري آهي. مان ائين نٿو چوان تہ وارن کي ڪوڙيندي آهي ، پر هي دين کي ڪوڙي (ختم ڪري) ڇڏيندي آهي. (2)

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي

1...تفسير درمنثور، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:34، جلد:1، صفحہ:125۔

2...ترمذی، ابواب صفة القيامة والرقائق والورع، صفحہ:593، حديث:2510۔

شرح ۾ فرمائن ٿا: ان طرح جو دين ۽ ايمان کي پاڻ کان ختم ڪري ڇڏي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن انسان بغض ۽ حسد ۾ اسلام ئي ڇڏي ڏيندو آهي، شيطان به انهن ٻن بيمارين جو ماريل آهي. (1)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلْحَسَدُ يُفْسِدُ الْاِيْمَانَ كَمَا يُفْسِدُ الصَّبِرُ الْعَسَلَ حسد ايمان کي ائين بگاڙي ڇڏيندو آهي، جيئن ايريو (هڪ ڪڙي وڻ جو رس) ماکيءَ کي بگاڙي ڇڏيندو آهي." (2)

بَوقتِ نَزع سلامت رہے مِرا ایماں
مجھے نصیب ہو توبہ، ہے التجا یارب! (3)

پيارا اسلامي پائرو! انهن روايتن مان معلوم ٿيو ته حسد ايمان کسيندڙ بيماري آهي، ان کري اسان کي کپي ته حسد کان بچون. الله پاڪ جنهن کي جيڪو عطا ڪيو آهي، درست عطا ڪيو آهي ۽ مون کي جيڪو عطا فرمايو آهي، منهنجي حق ۾ اهو ئي بهتر آهي، بس هي پنهنجو ذهن بنائي رکون. ان جي برڪت سان اِن شآءَ الله الڪريم! حسد جي آفت کان محفوظ رهنداسين. الله پاڪ اسان کي هن بري آفت کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(3) نافرماني ۽ سرڪشي

پيارا اسلامي پائرو! بني اسرائيل سيني قومن کان افضل هئا، پر ذليل ۽ خوار چو ٿيا؟ ان جو هڪ سبب سرڪشي به آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿۶۱﴾ (پاره 1، البقره: 61)

1...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:615۔

2...جامع صغير، صفحه:232، حديث:3819۔

3...وسائلِ بخشش، صفحه:87۔

ترجموکنزالعرفان: (ءِ) اها ان ڪري هئي جو انهن نافرماني ڪئي ۽ اهي مسلسل سرڪشي ڪري رهيا هئا.

الله پاڪ جي حدن کي ٽوڙڻ (يعني حرام کي حلال سمجهڻ) کي سرڪشي چيو ويندو آهي. [1] ٽيندو ائين آهي ته ❁ جڏهن ٻانهو ننڍو (صغيره) گناهه ڪندو آهي ته ان جي نحوست کيس ٻئي گناهه ڏانهن وٺي ويندي آهي، ❁ پوءِ ان گناهه جي نحوست کيس ٽئين گناهه ڏانهن وٺي ويندي آهي، ائين ڪندي ڪندي ٻانهو وڏن (ڪبيره) گناهن ۾ وڃي ڦاسندو آهي. ❁ پوءِ گناهه ڪندي ڪندي ان جي دل ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ حالت اها ٿي ويندي آهي ته کيس گناهه ۾ سڪون ۽ نيڪيءَ ۾ بي سڪوني ٽيڙ لڳندي آهي. گناهه ان جي عادت جو حصو بڻجي ويندو آهي، ائين ان جي دل تي غفلت طاري ٿي ويندي آهي.

بني اسرائيل جون نافرمانيون

بني اسرائيل به اهڙي ئي حالت تي پهچي چڪا هئا. گناهه انهن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪا هئا. اهو ئي ته سبب آهي جو الله پاڪ طرفان مٿن مسلسل انعام ٿي رهيا هئا ۽ انهن طرفان مسلسل نافرمانيون ٿي رهيون هيون. مثال طور: ❁ الله کين فرعون کان آزادي عطا فرمائي، اهي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا نافرمان ٿي ويا. ❁ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سندن هدايت لاءِ ڪوهِ طور تي تورات وٺڻ ويا ته هنن گابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني، ❁ الله پاڪ سندن توبه قبول فرمائي ته جيئن شڪر گذار بڻجن، پر هنن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جو اعتبار نه ڪيو، چوڻ لڳا: اسان ان وقت تائين نه مڃينداسين جيستائين الله کي پنهنجي اکين سان نه ڏسون. پوءِ مٿن عذاب

1...تفسير بيضاوى مع حاشيه شيخ زاده، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:61، جلد:2، صفحه:74 خلاصةً۔

آيو، وري معافي ڏني وئي تہ جيئن شڪر ڪن پر هنن وري نافرماني ڪئي. انهن لاءِ آسمان تان مَن ۽ سلويٰ لٿو، رڌل پڪل کاڌا آيا، هنن وري نافرماني ڪئي. انهن لاءِ پٿر مان 12 چشما جاري ٿيا، هنن وري نافرماني ڪئي. مطلب تہ الله پاڪ طرفان مٿن مسلسل انعام ٿيندا رهيا ۽ هنن پاران مسلسل نافرمانيون ٿيندیون رهيون، تان جو سندن دليون سخت ٿي ويون. پوءِ اهو وقت بہ آيو جو الله پاڪ فرمايو:

وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۗ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ

(پاره:1، البقرة:61)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن تي ذلت ۽ غربت مسلط ڪئي وئي ۽ اهي خدا جي غضب جا مستحق ٿي ويا، هي ڇو ٿيو؟ ان ڪري جو هنن نافرمانيون ڪيون ۽ حد کان وڌي ويا.

نافرمان تي الله پاڪ جي لعنت

حضرت وهب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ الله پاڪ بني اسرائيل جي نبين مان ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: ڀانهو جڏهن منهنجي اطاعت ڪندو آهي تہ مان ان کان راضي ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن مان ان کان راضي ٿي ويندو آهيان تہ ڪيس برڪتون عطا فرمائيندو آهيان. پر جڏهن ڀانهو منهنجي نافرماني ڪندو آهي تہ مان ان کان ناراض ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن مان ان کان ناراض ٿي ويندو آهيان تہ ان تي لعنت وسائيندو آهيان ۽ منهنجي لعنت ان جي 7 پيڑهين تائين پهچندي آهي. (1)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی
ہائے! میں نارِ جہنَّم میں جلوں گا یارب!

1...الزواجر عن اقتراف الكنائر، مقدمة المؤلف، جلد:1، صفحہ:27 ملتقطًا۔

عَفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارب![1]

نافرماني ۽ ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو

حضرت جُبَير بن نُفَير رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن مسلمانن قُبْرُص فتح ڪيو، ته مون ڏٺو ته صحابيِ رسول حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اڪيلائيءَ ۾ وينا روئي رهيا هئا. مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو: سائين! اڄ ته الله پاڪ مسلمانن کي ڪافرن تي غلبو عطا فرمايو آهي (يعني اڄ خوشيءَ جو ڏينهن آهي) ۽ توهان ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهيو؟ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: اي جبير! غور ته ڪر...! جيڪو الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي، اهو پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ ڪيڏو بي وقعت (ذليل) ٿي ويندو آهي. قبرص جا رهاڪو ڪيڏي غلبي ۽ عزت وارا هئا، پر جڏهن انهن الله پاڪ جا احڪام ڇڏيا ۽ پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي ته سندن هي حال ٿيو (ته اڄ کين شڪست ملي ۽ ذليل و خوار ٿي ويا). [2]

نافرماني ذلت ۽ رسوائيءَ جو سبب آهي

اي عاشقانِ رسول! الله ۽ رسول جي نافرماني ذلت ۽ خواريءَ جو سبب آهي. جيڪو ٻانهو الله پاڪ جون نافرمانيون ڪندو رهندو آهي، توبہ ناهي ڪندو ۽ الله جي طرف رجوع ناهي ڪندو، اهو الله جي بارگاهه ۾ ذليل و خوار ٿي ويندو آهي ۽ بارگاهِ الاهي ۾ ان جي ڪا وقعت (عزت) باقي ناهي رهندي. ۽ جيڪو ٻانهو الله جي بارگاهه ۾ ذليل ٿي وڃي، ان کي ڪٿي بہ عزت ناهي ملندي. سپارو 17، سوره حج، آيت 18 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:85 ملتقطًا۔

2...زُہد لاحمد بن حنبل، زہد ابی الدرداء رَضِیَ اللّٰہُ عنہ، صفحہ:182، رقم:764۔

وَ مَنْ یُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّكْرِمٍؕ (پاره 17، الحج: 18)

ترجمو كنزالعرفان: ۽ جنهن کي الله ذليل ڪري تہ ان کي ڪو عزت ڏيڻ وارو نہ آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي تحت لکيل آهي تہ: معلوم ٿيو تہ عزت ۽ ناموري ڪنهن قوم يا فرد جو ورثو ناهي تہ ڪو ٻانهو چاهي ڪيڏا بہ خراب ڪم پيو ڪري، پنهنجو اعمال نامو گناهن سان پري ڇڏي، سندس ڪردار نافرمانين سان داغدار هجي ۽ ان جي باوجود هو عزت سان زندگي گذاريندو... نہ! نہ! ائين ناهي، بلڪ جيڪو پنهنجي اخلاق و ڪردار، نيڪ عملن، خير خواهي ۽ همدرديءَ سان پاڻ کي عزت جو حقدار ثابت ڪري ٿو، الله پاڪ ان کي عزت ڏئي ٿو. پر جيڪو مسلسل نافرمانين ۾ مصروف رهي ٿو، ان کي ذلت جي اونهي کڏ ۾ اڇلايو ويندو آهي. [1] الله پاڪ اسان کي اطاعت ۽ فرمانبرداري جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي پائرو! گفتگوءَ جو خلاصو هي آهي تہ الله پاڪ بني اسرائيل کي وڏين نعمتن سان نوازيو، کين فضيلتون عطا ڪيون، انهن لاءِ نبي موڪليا، آسماني ڪتاب نازل ڪيا، پر اهي ان لائق نہ ٻڌيا. انهن انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي بي ادبي ڪئي. حسد ۾ مبتلا ٿيا ۽ حسد جي باهہ ۾ سڙي شرڪ ڪرڻ کان بہ نہ ڪيڻايو. الله مٿن انعام فرمائيندو رهيو، پر اهي مسلسل نافرمانين تي نافرمانيون ڪندا رهيا. ڪندا رهيا، نيٺ الله پاڪ مٿن ذلت ۽ رسوائي کي مسلط ڪري ڇڏيو.

هاڻي اسان آخري امت آهيون، الله اسان کي خيرِ امت جو لقب ڏنو آهي.

1...تفسير صراط الجنان، پاره:17، سورۂ حج، زيرآيت:18، جلد:6، صفحہ:418و 419 مفصلًا۔

اسان کي کپي تہ پنهنجي هن منصب جو قدر کريون، الله جو شڪر ادا ڪندا رهون، سندس بارگاهہ ۾ ڪنڌ جهڪائي رکون، نبين ۽ ولين جا باادب رهون. حسد جهڙين باطني بيمارين کان بچون ۽ نافرمانين کان باز رهون تہ جيئن اسان واقعي خيرِ امت يعني افضل ترين امت هجڻ جا حقدار بڻجي سگهون. الله پاڪ اسان سڀني کي عَمل جي توفيق نصيب فرمائي. (1)

آن لائن استخارو موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي (I.T) ڊيپارٽمينٽ جي پاران عوام جي آساني ۽ امتِ مصطفيٰ جي غمخواريءَ لاءِ موبائيل ايپليڪيشن Istikhara & Rohani Ilaj Online متعارف ڪرائي وئي آهي. هن ايپليڪيشن جي مدد سان توهان: ۞ آن لائن استخارو ڪرائي سگهو ٿا. ۞ بيماري، نظرِ بد، جادو، جنات وغيره جي حل لاءِ في سبيل الله تعويذ حاصل ڪري سگهو ٿا. ۞ آن لائن ڪاٽ بہ ڪرائي سگهو ٿا. وڌيڪ هي تہ هن ايپليڪيشن ۾ ۞ بيماري ۞ غربت ۞ غم، پريشاني ۞ ۽ آفتن توڙي مصيبتن کان حفاظت جا مختلف ورد ۽ وظيفا پڻ شامل آهن. پنهنجي اسمارٹ فون ۾ هيءَ ايپليڪيشن ڊائون لوڊ ڪري ونو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻيءَ طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو پيش ڪريان ٿو:

درست چا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهميءَ جي نشاندهي)

1...وسائل بخشش، صفحہ:98۔

مسئلو: قرآني آيتن ۽ حديثن وارا ورق ردي۽ ۾ وڪڻڻ جائز ناهي. وضاحت: اسان وٽ عام طور تي پراٹيون ڪاپيون، اسڪول جا ڪتاب ۽ اخبارون وغيره ردي۽ ۾ وڪرو ڪيون ويندیون آهن، جن ۾ اڪثر قرآني آيتون ۽ حديثون وغيره لکيل هوندیون آهن.

ياد رکو! جنهن ڪاغذ، ڪتاب يا ڪاپي۽ وغيره ۾ قرآني آيتون يا حديثون لکيل هجن، انهن کي ردي۽ ۾ وڪڻڻ جائز ناهي. فتاويٰ رضويه شريف ۾ آهي: انهن (يعني اخبارن وغيره) ۾ جيڪڏهن آيت يا حديث يا اللّٰه، رسول ۽ ملائڪن جا نالا يا شرعي مسئلا لکيل هجن، تہ انهن کي وڪڻڻ جائز ناهي. انهن ورقن کي ڏسي آيتون ۽ حديثون وغيره انهن مان الڳ ڪيون وڃن، تہ پوءِ (باقي ورق) وڪڻي سگهجن ٿا.[1] اللّٰه پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا صَبُوْرُ (اي مهلت ڏيندڙ)

جنهن کي ڪو درد، ڏک يا مصيبت پيش اچي تہ اهو 33 ڀيرا "يَا صَبُوْرُ" پڙهي، اِن شَاءَ اللّٰه الڪريم! سڪون ملندو. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... فتاوى رضويه، جلد 23، صفحه 400 مفصلًا۔